فريده ڏاهري

# علي بابا جا ڊراما

# Drama’s Of Ali Baba

*Abstract*

*His Real name was Ali Muhammad Bloch but in the world of literature he is known as Ali Baba, He wrote many great drama’s like dungi manjh dryah, bhagan, kawryal manhon, karonjhar ji kor, chand aen mani and sao rupia note manhon_and lots of drama’s had been telecasted on Pakistan television. the dramas of Ali Baba are the mirror side of poor people’s distresses. He also wrote many serious drama’s he has a deep look on the society that’s why he can see the clear injustice and bad things in the society. He died on 8 August 2016 due to heart attack he was rising sun of Sindhi drama’s.*

قلم قبيلي جي البيلي ليکڪ،سنڌي ادب جي کيتر ۾ سهڻا رنگ برنگي گل پوکي سر سبز بنائيندڙ قداور شخصيت علي بابا کان ڪير واقف نه آهي، سنڌو درياهه سان محبت ڪندڙ، سنڌوءَ جو پوچاري علي بابا درياهه ڪناري سنڌ جي مشهور شهر ڪوٽڙي ۾ محمد رمضان بلوچ جي گهر ۾ 1945ع ڌاري جنم ورتو. سندس اصل نالو علي محمد بلوچ ۽ ادبي نالو علي بابا هو. سندس وڏا بلوچستان کان لڏي سيوهڻ شريف ۾اچي آباد ٿيا، بعد ۾ ڪوٽڙي اچي وسايائون. سندس والد صاحب ريلوي ۾ شنٽنگ پائليٽ هو. علي جي ابتدائي تعليم ٽانگو لائين پرائمري اسڪول ۽ شيرخان ميونسپل هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ حاصل ڪئي، ميٽرڪ جي امتحان دؤران سندس جهيڙو ٿيو جنهن کان پوءِ وري اسڪول ڏانهن منهن نه ڪيائين. ملازمت جي شروعات ريلوي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين، ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي هڪ پرائيويٽ ٽيڪسٽائيل مل (Textile mill) ۾ اسسٽنٽ مينيجر طور 4 سال نوڪري ڪيائين ۽ پوءِ هن نوڪري کي به الوداع چئي، 1965ع کان قلمي پورهئي ۾ مصروف ٿي ويو. پاڻ ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار ناول نگار ۽ ڊرامانگار طور قدم رکيائين ۽ علي بابا جي نالي سان مشهور ٿيو. علي بابا 8 آگسٽ 2016ع ۾ هارٽ اٽيڪ (Heart attack) پوڻ سبب هي فاني جهان ڇڏيو.

علي بابا هڪ مثالي انسان ۽ وڏو ليکڪ هو. پاڻ موجوده سماجي ڍانچي ڪي بدلائي، نئين سماج جي جوڙجڪ لاءِ سوچيندو رهندو هو، پر اهو هڪ ليکڪ جي وس ۾ ئي ڪٿي آهي. علي بابا چوي ٿو ته:

“ڪڏهن ڪڏهن پنهنجون ڳالهيون، پنهنجو جيون به پرايو لڳندو آهي، جيون ۾ جو ڪجهه آهي، جڻ سڀ پرايو آهي، پنهنجو ڪوئي ڪونهي. ڀلا آئون پنهنجو ڪڏهن رهيو آهيان! الا.... مون ته پاڻ کي ڪڏهن اڻ لکي اهميت ئي ڪانه ڏني آهي؟ مان زال جو آهيان، ڌيءُ ۽ پٽ جو آهيان، پوڙهي ماءُ پيءُ جو آهيان، ڳوٺ وارن سنگتين ساٿين، واين ماين ۽ شهر واسين جو آهيان. الا هي جيون ڪيڏو نه عذاب آهي.... ڪيڏو نه ڪلاپ، ماڻهو پاڻ سان ڪوڙو؟ پنهنجو پاڻ کان واٽواد...!” (علي، 70:1994)

علي بابا جي تحريرن ۾، مرڪزي خيال ۽ مرڪزي ڪردار جي چونڊ هيٺئين کان به هيٺئين طبقي مان ڪيل آهي، جنهن تي ڪنهن جي به نگاهه نه وئي. هن طبقي کي نه ڪير مسلمان ڪري مڃڻ لاءِ تيار آهي ۽ نه ڪير هنن کي هندو ٿو تسليم ڪري. هي نه شيعن ۾، نه سُنين ۾- پر ڪجهه اميرزاده سماج جا رکوالا ته هنن کي انسان طور مڃڻ لاءِ به تيار نه آهن، هن طبقي ڏانهن جڏهن به ڪنهن اک کنئي ته حقارت مان، جڏهن به ڪنهن زبان کولي تي گار سان- پر هنن لاءِ علي بابا وٽ عزت هئي، احترام هو. سندن تڪليفن، ڏکن، سکن، ماڻهن جي نفرتن ۽ حڪارتن جو احساس به هو. هي علي بابا جي ڪهاڻين ۽ ڊرامن جا سورما ۽ سورميون اهي ئي آهن. ڪڏهن “پاڳان” جي روپ ۾ ته ڪڏهن “ڏاٽو” جي شڪل ۾ علي بابا هنن کي پيش ڪيو.

مثال طور: علي بابا پاڳان ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار کان چورائي ٿو ته:
“اي شاهه لطيف ڪير ڪجان..... اي قلندر شاباج ڪير ڪجان.... اسين نه هندن ۾، نه مسلمانن ۾، ڏايا گريب هون ڏايا گريب......” (علي، 12:1994)

علي بابا سندن قبيلي، جهوپڙين، پکن جو نمائندو هو. سندن هر مشڪلات جي هن پنهنجي ڊرامن ۾ نمائندگي ڪئي آهي. سندس ڊرامن ۾ سنڌي سماج جي هيٺئن طبقي جو ڀرپور جائزو ورتل آهي. درحقيقت علي بابا هڪ ترقي پسند اديب آهي. سندس شعور جو وهڪرو هميشه سماج ۽ سماجي مسئلن ڏانهن رهيو آهي. علي بابا جي هر تحرير جي موضوعن ۾ سندس بي چين وجود شامل رهيو آهي. سندس هر تحرير فڪري طرح ٻوساٽيل ماحول مان نڪرڻ لاءِ واجهائي ٿي، هڪ بي چين روح جيان پٽڪي سڪون تلاش ڪري ٿي ۽ سماج جي غلط نظام کي درست ڪرڻ لاءِ للڪاري ٿي.

شوڪت حسين شورو لکي ٿو ته:
“علي بابا لکڻ کي پلصراط جهڙي ترار کان تيز ڌار تان هلڻ چئي ٿو. هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو آهي ته “ايڏي عذاب مان لکان چو ٿو؟” ۽ ان

ڳالهه جو هن پاڻ ئي جواب ڏنو آهي: “شايد مان لاڳيتو هڪ فئنٽسي جي دنيا ۾ رهندو پيو اچان. سپنا ئي سپنا اُڻندو ٿو رهان. اهڙا سپنا جي رڳو جاڳ ۾ اُڻبا آهن. مون ڪڏهن به ٻئي اديب سان پاڻ کي ڀيٽي نه ڏٺو آهي. پوءِ به مان هر وقت ڪامپيٽيشن ۾ هوندو آهيان. منهنجو اهو مقابلو فقط پنهنجو پاڻ سان هوندو آهي. شايد مان ٻين کان مختلف ان ڪري آهيان جو مان ٻين کي پڙهندو ئي ڪونه آهيان.” (سارنگا، 59:2016)

علي بابا جي نظر اميرن جي دنيا جي رنگينين کان هٽي، عام ماڻهن جي مسئلن ڏانهن رهي، تڏهن ئي سندس تحريرن جي موضوعن ۾ هميشه کان سنڌ جي عام ماڻهن جا سماجي ۽ معاشي مسئلا پيش ڪيل آهن. علي بابا جي لکڻين بابت نند چگهاڻي لکي ٿوته:

“هن جي لکڻيءَ ۾ ماحول، موضوع ۽ مسئلا گهڻو ڪري سنڌ جا آهن. هو جيڪي لکي ٿو، ڪنهن نه ڪنهن پس منظر حقيقت تي مدار رکي ٿو. پنهنجن همعصرن کان بلڪل جدا، نرالو پر ناليوارو. هن جا ڪردار سامهون جيئرا انسان آهن. پڙهندي ڪڏهن همدردي ته ڪڏهن نظام (حڪومت) بر خلاف نفرت جو پاءُ پيدا ٿيو پوي.” (سارنگا، 84:2016)

سندس ناول “موهن جو دڙو” ۾ پاڻ سنڌي آڳاٽي سماج جو شاهڪار مثال پيش ڪيو آهي. علي بابا جي وجود ۾ صدين پراڻي سنڌ سمايل هئي. سندس اندر هڪ وسيع ميدان هو جنهن ۾ قديم سنڌي سماج سمنڊ جي موجن جيان چوليون هڻندو رهيو جيڪو نيٺ سندس ناول “موهن جو دڙو” جي شڪل وٺي ٻاهر نڪتو، قديم سنڌي سماج جي جهلڪ هر ڪو سندس ناول ۾ پڙهي سگهي ٿو، ڪيڏي نه مهارت سان پاڻ سنڌ جي قديم تهذيب کي حقيقت جو لباس پارايو آهي.

سندس پاڪستان ٽيليويزن تي پيش ٿيل ڊرامن ۾، هي جيون هي سپنا، 1970ع، (پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ)، هيڪل جنڊڙي، 1971ع (پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ)، شيشي جو گهر، 1971ع “ڪهاڻي غلام نبي مغل، ڊرامائي تشڪيل”(پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ)، سؤ روپيا نوٽ ماڻهو، 1971ع (پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ) چنڊ ۽ ماني،1971ع (پروڊيوسرعبدالڪريم بلوچ)، رت جا رشتا، 1972ع (پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ)، منو، 1973ع (پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ)، (موتئي جهڙو من، 1974ع (پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ)، پاڳان، 1974ع (پروڊيوسر غلام حيدر صديقي)، ٻاليشاهي، 1974ع (پروڊيوسر غلام حيدر صديقي)، دنگي ۽َ منجهه درياهه، 1975ع (پروڊيوسر هارون رند)، لهرون لس ليٽ، 1976ع (پروڊيوسر هارون رند)، پئينگ گيسٽ (سيريل) 1982ع، (پروڊيوسر محمد بخش سميجو)، جت لُڪ لڳي، 1983ع (پروڊيوسر محمد بخش سميجو)، اندر جو آواز، 1984ع (پروڊيوسر محمد بخش سميجو)، زندگيءَ جا اولڙا (سيريل) 1984ع

(پروڊيوسر محمد بخش سميجو)پاڇولو، 1988ع وغيره شامل آهن. جڏهن ته علي بابا جا ڪي ڊراما بعد ۾ ڪي ٽي اين تي به هليا، جيڪي هن جي ڪهاڻين تي ٻڌل آهن.

**دُنگيءَ منجهه درياهه:** علي بابا جي ڊرامن ۾ ڪاميابيءَ جا رڪارڊ ٽوڙيندڙ ڊرامو دنگيءَ منجهه درياهه آهي. هن ڊرامي تي بعد ۾ اردو ۾ مختصر فلم "نائو مين دريا" جي عنوان سان به ٺهي. هن ڊرامي جو موضوع سنڌي ادب ۾ تخليق ڪيل ڊرامن، ڪهاڻين ۽ ناولن کان بنهه مختلف آهي. هن کان اڳ سنڌي ادب جي ڊرامن جا موضوع زميندار، هاري، ڪامورا، ڪمدار وغيره رهيا. علي بابا دنگيءَ منجهه درياهه ذريعي سنڌي ڊرامن کي هڪ منفرد ۽ نئون موضوع ڏنو، جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي هارين جي مظلوميت کان پوءِ هڪ اهڙي وڏي پيڙهيل ۽ پوئتي پيل، زندگيءَ جي ڏکيائين سان جنگ جوٽيندڙ طبقي جي زندگي جي حقيقي حالتن کي متعارف ڪرايو آهي، جنهن لاءِ درياهه بادشاهه ديوتا جي مثال آهي ۽ پاڻ ان جا پوڄاري آهن. هي طبقو سنڌ اندر مهاڻن جي ذات طور سڃاتو وڃي ٿو. علي بابا سندن درياهه سان اڪير وارن جذبن جا عڪس اهڙا چٽيا آهن، جو پڙهندي جڳهه جڳهه تي حيرت وٺيو وڃي. درياهه بادشاهه سان محبت رکندڙ هي سڀاجهڙا ۽ سچا ماڻهو علي بابا جي نگاهه جو مرڪز بنجي هن ڊرامي ذريعي اپري ائين سامهون آيا جو ادبي دنيا ۾ ٿرٿلو مچي ويو. 1976ع ۾، ميونخ (جرمني) عالمي ڊراما فيسٽيول، ۾ هن ڊرامي ٽيون نمبر انعام ماڻيو. ڊرامي جي اداڪارن کي بهترين اداڪاري ڪرڻ تي ايوارڊ مليا ۽ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪري، ٽي. وي چئنلن تي پيش ڪيو ويو.

نصير اعجاز، هن ڊرامي بابت لکي ٿو ته:

"ڪراچي ٽي وي تان سنڌ جي مشهور ليکڪ علي بابا جو لکيل ڊرامو 'دنگيءَ منجهه درياهه' پيش ڪيو ويو هو. جن به اهو ڊرامو ڏٺو، تن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. هر ڪنهن وات ۾ اها وائي هئي ته ڇا سنڌيءَ ۾ به اهڙو ادب تخليق ٿئي ٿو، زندگي جي بلڪل ويجهو، حقيقتن سان ڀرپور. واقعي اهو ليکڪ عظيم آهي جنهن جو قلم ديس جي مظلوم ۽ پيڙهيل مارن جا داستان بيان ٿو ڪري." (سارنگا، 210:2016)

علي بابا هن ڊرامي ۾ مهاڻن جي دنيا چڻ ته هڪ دُنگي ۾ قيد ڪري ڇڏي آهي. سندن زندگي جي ڏکن سکن جو ڪاروان درياهه بادشاهه جي لهرن جيان ڪڏهن لاهي ۾ ڪڏهن چاڙهي ۾ هلندو رهي ٿو. ڊرامي جي ڪهاڻي هڪ مهاڻي ڪٽنب تي جوڙيل آهي، جيڪو روزگار خاطر ڪينجهر ڇڏي سنڌو درياهه جي ڪنڌي اچي وسائي ٿو. اتي به سندن مالي ۽ معاشي حالت تنگي جو شڪار رهي ٿي. درياهه تي شڪار ڪيل مڇي مان ٺيڪيدار پنهنجو حصو جڏهن ڪڍن ٿا ته هن ڪٽنب جو پيٽ گذر به نٿو ٿئي. ڏينهن رات

درياهه جي پيٽ ۾ هي شڪار جي تلاش ۾ رهن ٿا پر سندن ٻچن جو پيٽ وري به خالي ۽ سندن ڪپڙا وري به اهي ڦاٽل ليڙون ليڙون رهن ٿا.

علي بابا، ڊرامي ۾ مهاڻن جي سماجي صورتحال هن طرح بيان ڪئي آهي:

“ڊانڊي: توکي پلي مارڻ جي ڳڻتي لڳي آ ۽ مونکي درياهه جي. (ڪجهه حيرت مان).

ڏاڏو: درياهه جي ڇو. ڊانڊي: تون جي وات کي ٻنجو ڏين. رات منشيءَ سيٺ کي دانهن ڏني آ.

ڏاڏو: دانهن ڏني آ _ ڇو؟ مون ڪا جوڙس جي پُڇ تي لت ڏني ؟ ٻڏاءِ کهڙي جٺ ڪئيمانس جو دانهون

پيو ڏي؟

ڊانڊي: جُٺ کي ڪي سگ ٿيندا آهن ڇا؟ ڇا ٺيڪيدار سان ائين ڳالهائبو آهي.

ڏاڏو: ڇو ٺيڪيدار ڪو اسان کي روز ٿو رسائي ڇا؟ ڪو اسانجو چڱو مڙس آهي ڇا؟ جهڙي ڏيندو تهڙي

وٺندو.

ڊانڊي: ته پوءِ ويٺي به پوٺي تي هوندين. تو به پٺ جا ڪپڙا پاتا ۽ پٿائيءَ جو ميلو گهميو، پڙُڇاڙهيو!.

ڏاڏو: پوٺي تي ڇو درياهه ڪو منشيءَ جي بابي جو آ (باهه ٿي)؟

ڊانڊي: ٻيو پٽهين جو آ (پوءِ وري اونهون گهرو ساهه کڻي، ڇوهه مان).

ڊانڊي: منڇر مان تڙايئي، ڪينجهر مان ڪڍايئه، هاڻ درياهه مان به تڙجي وياسين ته پوءِ ڪيڏانهن

ويندين.” (سارنگا، 198:2016)

اڳتي لکي ٿو ته:

“ڏاڏو: بلير ته درياهه سڄو ٺيڪي ۾ ٿيو!. ڊانڊي: درياهه ته درياهه سڄو سمونڊ ٺيڪي ۾ آهي. اهي ڪلاچ

وارا ڏينهن وساري ڇڏ، اهي تماچي مري ويا . ( ڏاڏو حيرت مان مڙس ۾ نهاريندي ٿي رهي).

ڊانڊي:هاڻ منهنجو ٻوٿ ڇا پئي ڏسين. جي درياهه مان به تڙجي نڪتاسين ته پوءِ تو وارو هي ٿانئو سڻاٽي

سمونڊ جون سڻون سهي سگهندو، جت لهرن جي لپاٽ سان ٻيڙا ٻار ۾ ويندا آهن، جت وڏا وڏا ڊينگ ڊري

پوندا آهن. ٻڏاءِ، اُت تو واري اها تراڪڙي ڊونڊي هلندي؟

ڊانڊي: منڇر مان تڙي ڪڍيائون، ڪينجهر مان به نيڪالي ملي وئي، ٻڏاءِ. من تان ميساري سگهي آهين

ڪيجهر جا تڙ تڙاوَ؟. (ڏاٽو ڄڻ ڇرڪ پري، سٽ ڏئي مڙس ڏانهن نهاري ٿي... سندس هانوَ تي ڄڻ پل پل

جا ساروٽا هُري ٿا اچن).؟

ڏاٽو: نه نه ... الله نه ڪري، منڇر ۽ ڪيجهر ته مونکي پنهنجي پيٽ ڄاون ٻارن کان به وڌيڪ پيارا آهن ۽

درياهه شاهه توکان......

ڊانڊي: مونکان به؟.. ( لڇوڙي ٿي ويندي).؟ ڏاٽو: ها توکان به ..... الله ٿو ڄاڻي رات به خوابن ۾، ڪينجهر

کي هندوري جيان جهلندي ڏٺو هو." (سارنگا، 2016:199،200)

علي بابا ڄڻ ته هنن مهاڻن جي وچ ۾ موجود هو، لفظ لفظ ۾ نراسائي، لهجو ڪٿي تلخ ته ڪٿي ڌيمو، علي بابا سندن پکن جو ساٿي هو. بهرحال هيءُ سندس نئون تجربو هو جيڪو بيحد ڪامياب ويو.

مختيار احمد ملاح ڊرامي بابت لکي ٿو ته:

"هارين کان پوءِ سنڌ جي هڪ وڏي پورهيت طبقي يعني مهاڻن جو هن ڊرامي ۾ اٽمت چٽ آهي. هن ڊرامي ۾ ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين ڦهليل اجهاڳ دريائي جيون جو نقشو آهي. هن ڊرامي ۾ سنڌي سماج جي هڪ خاص طبقي مهاڻن ۽ درياءَ تي گذر ڪندڙن جي ٻولي، مزاج ۽ اٿڻي ويهڻي، طور طريقي کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو ويو آهي. سندس ڊرامن جي هڪ اها به خوبي رهي آهي ته هو ماحول مطابق مڪالما پيش ڪري ٿو. مثال طور "دنگيءَ منجهه درياهه" ۾ هن ملاحن جي زندگي ۽ پيشي کي پيش ڪندي، سندن درياهه سان اڪير کي نهايت ئي سهڻي نموني سان پيش ڪيو آهي. ڊرامي ۾ ماحول مطابق ٺهڪندڙ مڪالما ۽ انساني زندگيءَ جي اوچ نيچ ۽ معاشي ناهمواري جو نقش ڊرامي کي ڪنيو بيٺو آهي." (سارنگا، 2016:218)

علي بابا جي ڊرامي جا ڪردار سنڌي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. هي ڪنهن به حوالي سان خيالي ۽ تصوراتي نه آهن، ڏاٽو جو ڪردار سنڌ جي هڪ سندس بهادر مهاڻي عورت جو ڪردار آهي جو هوءَ پنهنجي حق خاطر مردن سان مهاڏو اٽڪائي بيهي ٿي، ڊانڊي جو ڪردار سنڌي سماج جو اهو غريب مظلوم ڪردار آهي جيڪو پيٽ گذر ۽ عزت بچائڻ لاءِ ٺيڪيدار جي ناانصافي سهندو رهي ٿو. علي بابا وٽ ٻولي جو خزانو آهي، سندس لکيل مقالمي جو هڪ هڪ لفظ ڄڻ هڪ موتي جي اهميت رکي ٿو ۽ مقالمي پوري ٺيڙ سان ڄڻ ته لفظن جي مالها جڙيو ٿي پوي.

**پاڳان:** علي بابا جو هي ڊرامو 1974ع ۾ پروڊيوسر غلام حيدر صديقي پاڪستان ٽيليويزن تان نشر ڪيو هو. هي ڊرامو سندس ڪهاڻي

’پاڳان‘ جي ڊرامائي شڪل آهي. علي بابا پنهنجي هن ڊرامي ۾ سماج جو اهڙو ڏوڏڙ ۾ ذت ٿيل ڪردار پيش ڪيو آهي جنهن تي ڪنهن به اديب جي هن کان اڳ نظر پهتي هجي. علي بابا جو پيش ڪيل هي پاڳان جو ڪردار سماج جو هڪ اهڙو ڪرادر آهي، جنهن کي هي مرداڻو وحشي سماج ڪتن ۽ بگهڙن جيان تڪي ته ٿو، پر ڪيس عزت ڏيڻ ته ڇا پر عزت سان ڏسڻ به پسند نٿو ڪري. علي بابا پنهنجي ڪهاڻي ’پاڳان‘ ۾ لکي ٿو ته:

“چوري پڙو پڪيڙي هلي آهين شهر پنڻ. ماڻهو ڪي خيال سان هلي. پراوَن گهرن ۾ تيسين نه گهڙجي جيسين پڪ نه ٿئي ته گهر ڏياڻيون ويٺيون آهن. ڇڙهن چانڊ ماڻهن جي گهرن ۾ ڪڏهن نه وڃجي. پل ڏهه رپيا ڏيڪارين. چوري متان پير وڃائي اچين. ماڻهو هوش سان هلي، زمانو ڏاڍو ضعيف آهي.” (علي، 11:1994)

علي بابا هن ڊرامي ذريعي سنڌي سماج تي تنقيدي نظر وڌي آهي ۽ پاڻ ٻڌائي ٿو ته پاڳان جهڙيون ناريون به هن سماج جو حصو آهن، جيئن پيو سنڌ ڇايون ناريو، ڪين ڇو سماج ۾، نه عزت ٿي ملي، نه اهميت، سنڌس هي ڊرامو سماج جي ڪُڪ تي لت آهي، انهن وحشي درندن جي منهن تي چماٽ آهي، جن جو نسل پاڳان جي پيٽان پيدا ٿيل ڇاڳان جي شڪل ۾ پلجي پيو ۽ سندن نسل به اهو ئي لوڙي پيو جيڪي پاڳان جهڙيون ناريون لوڙين ٿيون. علي بابا اهو به پنهنجي هن ڊرامي ۾ واضح ڪيو آهي ته پاڳان جهڙين نارين کي اسان جي معاشري جا ماڻهو عزت سان ڏسڻ به پسند نٿا ڪن، پر انهن جي ايترو ويجهو وڃن ٿا، جو پنهنجا گناهه ڪنهن گهاگهري واري پاڳان جي جهولي ۾ ڇڏي ٿا اچن.

علي بابا جي هن ڊرامي ۾ پيش ڪيل ڪردارنگاري جي واکاڻ ڪرڻ کان سواءِ ڪو به ماڻهو رهي نٿو سگهي، پاڳان جي ڪردارنگاري ۽ سندس ڌيءُ ڇاڳان جي ڪردارنگاري هڪ ئي نموني جي پيش ڪيل آهي، جڏهن پاڳان پنهنجي پاڻ کي آئيني ۾ وري وري ڏسي پنهنجي سونهن ۽ جوانيءَ تي خوش ٿي ٿئي، هرڻي جيان هر وقت ٽينگ ٽپا ٿي ڏيندي وتي. سالن کان پوءِ ڇاڳان ۾ اهائي پنهنجي چال ٿي ڏسي ته پيرن وڌايل پاڳان جو روح به تڙپي پوي ٿو. هن کي ظالم سماج جي وحشي ماڻهن جو خوف ورائي ٿو وٺي، پر سندس ڌيءُ ڇاڳان سان به اهائي حالت ڪئي وڃي ٿي ۽ پاڳان ڪجهه به ڪري نٿي سگهي.

انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته علي بابا هڪ سچار ليکڪ هو، انهن مظلوم ماڻهن جو آواز هو، جن جون دانهون، ڪوڪون، لوڇ، پوڇ نه ڪير ڏسڻ وارو هو، نه ڪير ٻڌڻ وارو. بهرحال سندس هي ڊرامو تمام بهترين ۽ ڪامياب ڊرامن ۾ شامل ٿئي ٿو، جيڪو هر لحاظ کان منفرد آهي.

موضوعاتي حوالي سان، ڪردارنگاريءَ جي حوالي سان ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان با معنى ۽ بامقصد ڊرامو آهي.

**ڪاوڙيل ماڻهو:** علي بابا جو هي ٽي وي ڊرامو نئين زندگي جون 1987ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي. سندس هن ڊرامي جي ڪهاڻي جو موضوع شهري سولائيزڊ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جي سماجي حالتن جي بابت آهي. ڊرامي جي ڪهاڻي هالار جي زندگيءَ جي چوگرد ڦري ٿي. هالار هڪ پوليس انسپيڪٽر آهي. حنيفان (حني) سندس وڏي ڀيڻ ۽ دلدار ننڍو ڀاءُ آهي، ۽ سوپيا هالار جي مڱ آهي. هالار انهن سڀني رشتن کي نڀائيندي ايترو مجبور ٿي وڃي ٿو جو سندس زندگي پنهنجي مرضي مطابق گذارڻ جو ڪيس اختيار به نٿو رهي، هڪ پاسي سندس خاندان ۽ ٻئي پاسي سندس محبت جيڪا ڪينسر جي بيماري سبب دنيا ڇڏي ٿي وڃي. هالار جي دل جو درد علي بابا ڊرامي ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي، پاڻ لکي ٿو ته:

“هالار: ها انسلٽ منهنجي پسند ايڏي ڪوجهي به ڪانه هئي جو تنهنجي خاندان جي انسلٽ ٿي وڃي

ها. هوءَ......هوءَ ويچاري ته ڪينسر وارڊ ۾ الائي ڪيترا ڏينهن سڪتراتون ڏسندي مري به وئي. حني ڇا

؟.....! هالار: ها مريا وئي. تون اجايو مونکي غلط پئي سمجهين.”

(نئين زندگي، 1987:37)

علي بابا جو هي به هڪ سنجيده سماجي ڊرامو آهي،جيڪو سنڌي سماج جي پسمنظر ۾ لکيل آهي، سندس هن ڊرامي ۾ رشتن ۽ ناتن جي اهميت واضح ڪيل آهي. ڊرامي ۾ پيش ڪيل ڪردارنگاري به تعريف لائق آهي، خاص ڪري هالار جي، جيڪو هڪ ذميدار ۽ حساس ڪردار آهي. هي رشتن کي اهميت ڏيندي ڏيندي، پنهنجي پاڻ کي ڪا به اهميت نٿو ڏئي. سندس هي به هڪ ڪامياب ڊرامو آهي جنهن ۾ استعمال ڪيل ٻولي به روزمره ۾ ڳالهائي ويندڙ آسان سنڌي آهي.

**ڪارونجهر جي ڪور:** علي بابا جو هي ڊرامو، ٽه ماهي مهراڻ رسالي ۾ 1978ع ۾ ڇپيل آهي، جيڪو ٿري زندگيءَ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ڊرامي جي ڪهاڻي هڪ پڙهيل لکيل ذهين ڇوڪري جسوڌن جي خواهشن ۽ ارمانن بابت آهي، جيڪي سندس پورا نه ٿي سگهيا. ڊرامي ۾، جسوڌن فرسٽ ڪلاس ۾ ڊگري حاصل ڪري پنهنجي ڳوٺ موٽي ٿو ۽ نوڪري جي تلاش ۾ لڳي وڃي ٿو. سندس ڪاميابيءَ تي سندس امڙ ۽ ڳوٺ واراخوش ٿين ٿا. هي سڀ جسوڌن مان اها اميد رکيو ويٺا هئا ته جسوڌن ڪا وڏي نوڪري حاصل ڪندو ۽ سندن ڳوٺ لاءِ ڪي سڌارا آڻيندو. جسوڌن جڏهن نوڪري لاءِ انٽرويو ڏيڻ وڃي ٿو ته اتي سندس فرسٽ ڪلاس ۾ حاصل ڪيل ڊگري کي ڏٺو نٿو وڃي بلڪ انٽرويو ۾ ڪانئس اهو پڇيو ٿو وڃي

ته ڪنهن وڏي ماڻهو جي سفارش ڪٽي آيو آهين نوڪري لاءِ، جسوڏن هڪ غريب ماءُ جو اڪيلو پٽ آهي. هن وٽ نه ڪا سفارش، نه وري ايترو پئسو آهي، جو ڏئي نوڪري وٺي، آخرڪار هي مجبور ٿي، پنهنجي مڱيندي گونڌل کي سفارش لاءِ ٿو چوي، جيڪا تر جي راڻا صاحب جي ٻارن کي پڙهائي ٿي. راڻا صاحب جڏهن جسوڏن جي ڳالهه تر جي ٻين رئيسن سان ڪري ٿو ته ڪيس ٻيا رئيس ان ڪم ڪرڻ روڪي ٿا ڇڏين ۽ ائين جسوڏن جا سپ خواب مٽيءَ ۾ ملي ٿا وڃن. علي بابا ڊرامي ۾ لکي ٿو ته:

"جسوڏن: ڇا ٿيندو...... هتي ٽئلينٽ ڪا شيءَ ناهي، سفارش کان سوا هڪ رٻاري چوڪري جو آفيسر

ٿيڻ Impossible آهي. بلڪل ناممڪن." (مهراڻ، 171:1978)

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

"رئيس: سپاڻ ان ٽڪي جي چوري ڏانهن مهندي رتيون ڏاڙهيون ٽنگرائي پهرين اپيلون ڪٽي هلنداسين،

پوءِ ٽيپلون، ته سائين وڏا تپيدار کي چئي زمين سروي ڪرائي ڏي. پوءِ صاحب چوندو سپاڻ اچو، پوءِ سپاڻ

مهينن تي هلي ويندي، پوءِ اوچتو خبر پوندي ته وڏو صاحب دوري تي ويو هليو." (مهراڻ، 173:1978)

ڊرامي جي پڇاڙيءَ ۾ جسوڏن پنهنجي ناڪاميءَ تي ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ڊگري ڦاڙي ٿو ڇڏي. سندس ٽئلينٽ، خواهشون، خواب ۽ مستقبل به ڊگري سان گڏ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٿا وڃن. علي بابا جو هيءُ هڪ سنجيدا ڊرامو آهي، جنهن ۾ هڪ غريب هوشيار شاگرد ۽ ساڻس وابسته رشتن جي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيل آهي. پاڻ هن ڊرامي ذريعي ميرٽ جي لتاڙ واري اهم مسئلي کي وائکو ڪيو آهي. سندس هيءُ هڪ بهترين ۽ ڪامياب ڊرامو آهي، جنهن ۾ جسوڏن جي ڪردارنگاري سٺي انداز ۾ڪيل آهي ۽ ڏسڻ وٽان آهي، ڊرامي ۾ ٿري لهجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪيل آهي، جيڪو تمام وڻندڙ نموني پيش ڪيل آهي.

**چنڊ ۽ ماني:** علي بابا جو هي ڊرامو به سندس لکيل ڪهاڻي 'چنڊ ۽ ماني' جي ڊرامائي شڪل آهي، جيڪو 1971ع ۾ پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ پاڪستان ٽيليويزن تان پيش ڪيو هو. سندس هيءُ ڊرامو به موضوعاتي حوالي سان درد جو داستان آهي. علي باباجي هن ڊرامي ۾ پيش ڪيل مرڪزي خيال تمام اونهو ۽ گهرو آهي، جنهن ۾ پاڻ غريب جي ماني کي چنڊ وانگر بيان ڪيو آهي. مثال جي طور تي سندس ڪهاڻي 'چنڊ ۽ ماني' مان هي سٽون پيش ڪجن ٿيون ته:

"امان جون اکيون اونداهين آسمان ڏانهن کڄي ويون، ڇڻ هن جون نظرون ڪجهه تلاش ڪري رهيون هجن ۽ هن انتهائي پريل آواز سان چيو،

“ڏس پٽ! اڄ چنڊ ڪٿي نڪتو آهي؟ پاڻ غريب آهيون. پنهنجي مانيءَ جو حساب چنڊ وانگي آهي؛ ڪڏهن اڌ، ڪڏهن سڄي ته ڪڏهن آهي ئي ڪونه.” مون اونداهين آسمان ڏانهن نهاريو ۽ ماءُ جي ڪڇ ۾ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويس.” (علي، 30:1994)

علي بابا جو هي ڊرامو ڏک سان ڀريل بامقصد ڊرامو آهي، جنهن ۾ پيش ڪيل هڪ ڀار ۽ ماءُ جي ڪردارنگاري تمام گهرائيءَ سان پيش ڪيل

**سوُ روپيا نوٽ ماڻهو:** علي بابا جو ڊرامو 1971ع ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن تان نشر ٿيو. سندس هن ڊرامي جو پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ هو. هي ڊرامو سندس ئي لکيل ڪهاڻي جي ڊرامائي شڪل آهي، جنهن جو موضوع پاڪستان ۾ موجود مختلف قومن جا ماڻهو آهن. ڇاڪاڻ ته هن قسم جا واقعا هر هنڌ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. علي بابا پنهنجي ڊرامي ۾ هڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي قيمت سئو روپيا نوٽ جيتري ڏيکاري آهي، ته ڪهڙي نموني هڪ انسان ٻئي انسان جي زندگيءَ جو ڏيئو نوٽن جي زور تي اُجهائي ٿو ڇڏي.

علي بابا پنهنجي ڪهاڻي “سوُ روپيا نوٽ ماڻهو” ۾ لکي ٿو ته:

” وڏيرو عارب خان جو. واري ساڻ رلڙيءَ پُٽ قلندر تي پڳو بيٺو هوندو هو. ته قلندر پُٽ ڏي.”

“ چو پلا، وڏيرو عارب کي چو نه ؟”

“ نه، مارٽو سال جو ٿج ڏائڪ ٻار آهي_ ۽ ڇيچلائٽا وڏيرو عارب ۽ جوٽس آهن.”

“ جوٽس ويچاري چو؟”

“ويچاري آڱوني جهڙي، ڏوتيءَ هٿان چورائي موڪليو مانس ته ڊاڪٽر کي ٻار ڏيکارڻ بهاني سان دل باغ بهار ڪرائي وڃ، ته جوءِ مڙس کي وجي دانهن ڏني آهي. ڳالهه راڇن تائين پهچي وئي. ابا،نه ماءُ نه پيڻ...” (علي بابا،47:2007)

اڳتي لکي ٿو ته:

“قرض ايترو آهي، جو آءُ به پاڻ چڪائي نه سگهندس، خبر اٿئي، مون ساک تي وڏيري رمضان کان سوُ روپيا
ورتا هئا.”......

“ها_ چيائين مڙس جو پٽ تڏهن مجيانءِ جڏهن چڳي خان جي پيَ ۾ سندس ئي پستول جي گولي هڻي
ايندين.”......

“ نه اِها پاڙيائي آهي.”

“ پلا نئين چاول ٻار جي وات ۾ گولي هڻڻ واري کي ڇا چوندا آهن؟ چڱا خان، اڄ اهو ٻڌائي ڇڏ.” پرام
جي اکين ۾رتُ لهي ٿو اچي. پرام...نه...نه....”

" ٻڄ نه چڱا خان.آءُ وعدي جو پڪو آهيان. ٻي ڳولي، تنهنجي ٿڄ پياڪ دشمن جي وات ۾ ويندي. سئو
روپين جي نوٽ جيان ڏاڍو ڪرو ماڻهو آهيان." پرام ٽرئگر دٻائي ٿو."
(علي بابا،48،49:2007)

علي بابا جو هي ڊرامو سماجي آهي، جيڪو اڄ کان 50 سال اڳ پيش ڪيو ويو، پر ان جو موضوع اڄ به نئون ٿو لڳي. چاڪاڻ ته هن قسم جا واقعا موجوده دور ۾ به عام جام ٿيندي ڏسجن ٿا. علي بابا جي ڊرامن جي اها انفراديت آهي سندس ڊراما هر دور جا جديد ڊراما آهن.

علي بابا هڪ بهترين ۽ ڪامياب ڊرامانگار جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڊرامن جا ڪردار جيئرا جاڳندا ۽ معاشري جي پيڙائن کي منهن ڏيڻ وارا ڪردار آهن، جيڪي مصنوعي يا هٿرادو گهڙيل نه آهن بلڪ اُهي اسان جي آسي پاسي ۾ پنهنجي حصي جي سماج سان جنگ وڙهي رهيا آهن. سندس ڊرامن جي ٻولي جاندار آهي. ٻولي ۽لهجو ڪردارن جي طبقي ۽ ماحول مطابق پيش ڪيل آهي، جنهن جو مثال سندس ڊرامن ۾ موجود آهي. علي بابا جي لکيل تصنيفن ۾، موهن جو دڙو (ناول) 1985ع. ڌرتيءَ ڌڪاڻا (ڪهاڻيون). لهندڙ سج جي لام (ڪهاڻيون). رڻ سڃو ئي رت ڦڙا (ڪهاڻيون)، منهنجون ڪهاڻيون (ڪهاڻيون)، سنڌباد مسافر شامل آهن. ان کان سواءِ پاڻ ٽي وي ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيائين.

**نتيجو:** علي بابا جي ڊرامن جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ هڪ سنجيده ۽ حساس ڊرامانگار هو. سندس ڊرامن ۾ فڪري طور هڪ گهرائي آهي، جنهن ۾ ڪيترا ئي معنائن جا موتي موجود آهن. سندس ڊرامن ۾ حساسيت آهي. پاڳان ڊرامو سندس ئي ڪهاڻيءَ جي ڊرامائي تشڪيل آهي، ان کي هر ڪو ماڻهو جنسيت جي حساب سان ڏسي ٿو، پر ان جي پويان انساني بي وسيءَ جو جيڪو ويل آهي، جيڪو ڪروڌ آهي، اهو هر ڪوئي نٿو سمجهي سگهي. سندس ڊرامو دنگيءَ منجهه درياهه مهاڻن جي زندگيءَ جو دستاويز آهي. هن جي ڊرامن جا موضوع غريب کان غريب ماڻهن جي ڏکن ۽ سورن سان وابسته آهن. سندس هر تحرير سماجي گهُٽ، سوڙهه ۽ ٻوساٽ خلاف واڪا ڪندي نظر اچي ٿي. علي بابا جي ڊرامن ۾ پيش ڪيل ڪردار سنڌ جا پيڙيل ۽ سماج هٿان چيپاٽيل ڪردار آهن، جن مان سنڌ جي غريب ترين طبقي جي سماجي صورتحال صاف نظر اچي ٿي. پاڻ هڪ ڪامياب ڊرامانگار هو.

## حوالا:

اعجاز، نصير، (2016). ٽماهي سارنگا، جلد 9، شمارو 24. حيدرآباد: سارنگا پبليڪيشنز .

چڳاڻي، نند، (2016). علي بابا ۽ سندس ڌرتيءَ ڏڪاڻا. ٿماهي سارنگا، جلد 9، شمارو 24، حيدرآباد: سارنگا پبليڪيشنز.

شورو، شوڪت حسين، (2016). علي بابا. سارنگا، جلد 9، شمارو 24. حيدرآباد: سارنگا پبليڪيشنز.

علي بابا، (1994). منهنجون ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

علي بابا: (2016). دنگي منجهه دريا، ٿماهي سارنگا، جلد 9، شمارو 24. حيدرآباد: سارنگا پبليڪيشنز.

علي، بابا، (1987). ڪاوڙيل ماڻهو. ماهوار نئين زندگي، جلد 4. حيدرآباد: اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ.

علي، بابا، (1978). ڪارونجهر جي ڪور. ٿماهي مهراڻ 1. جنوري-مارچ، جلد 27، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

علي، بابا، (2007). منهنجون ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.